# فيضان رمضان

**08-April-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

## 8 اپريل 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضان رمضان

### هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

❖...روزن جي برڪت سان عذابِ قبر مان رهائي مِلي وئي... (حڪايت)

❖... رمضان المبارڪ جون بعض فضيلتون

❖... روزي جي فرضيت واري آيت بابت مختصر تفسير

❖...روزا رکڻ جا ڪجھ جسماني ۽ روحاني فائدا

❖... رمضان المبارڪ جي لاءِ تياري ڪريو.

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضان رمضان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود نہ پڙهڻ وارو بدبخت آهي

سلطانِ مڪہ، تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ باقرينہ آهي: ❖ جنهن رمضان کي پاتو ۽ ان جا روزا نہ رکيا اهو شخص شَقِي (يعني بدبخت) آهي، ❖ جنهن پنهنجي والدين يا ڪنهن هڪ کي (سندس حياتي ۾) پاتو ۽ انهن سان سٺو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي ❖ ۽ جنهن وٽ منهنجو ذِڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نہ پڙهيو اهو

بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي. (معجم اَوْسط، جلد:3، صفحہ:62، حديث:3871)

کعبہ کے بدرُالدُّجیٰ تم پہ کروڑوں درود | طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں درود
تم سے جہاں کا نظام، تم پہ کروڑوں سلام | تم پہ کروڑوں ثنا، تم پہ کروڑوں درود

(حدائق بخشش، ص ،271-266)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت سڀ کان افضل عمل آهي. (بخارى، كِتَاب:بَدءُ الْوَحى، باب:كيف كان بدء الوحى...الخ، صفحہ:65، حديث:1)

اي عاشقانِ رسول! هرجائِز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن! چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجهه سنيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان ۽ شوال جي ڇهہ روزن جي برڪت

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلْمِ فقہ ۽ عِلمِ حديث جا تمام وڏا اِمام هئا، 99 سن هجري ۾ پيدا ٿيا، وڏا متقي، پرهيز گار، عِبَادت گذار ۽ پنهنجي زماني جا امامُ المسلمين هئا. هڪ ڀيري حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي 3 سال

مڪي پاڪ ۾ قيام جي سَعَادت نصيب ٿي، فرمائن ٿا: مڪي پاڪ ۾ هڪ شخص هو، اهو روزانو منجهند مهل ڪعبي جو **طواف** ڪندو هو. نماز جون ٻه رڪعتون واجِبُ الطَّواف ادا ڪندو هو پوءِ مون کي سلام ڪري پنهنجي گهر هليو ويندو هو. ان جو روزانو جو اهو معمول هو، مون کي ان نيڪ شخص سان محبت ٿي وئي. هڪ ڀيري هو سخت بيمار ٿي پيو، مون کي خبر ملي ته اهو سخت بيمار آهي ته مان عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس، اُن جي حالت نازُڪ هئي، ان مون کي وصيّت ڪندي چيو: جڏهن مان فوت ٿي وڃان ته اوهان پنهنجي هٿن سان غسل ڏئي منهنجي جنازي جي نماز ادا ڪجو. مون کي اڪيلو نه ڇڏجو سڄي رات منهنجي قبر وٽ رهجو ۽ منڪر نڪير جي اچڻ جي وقت مون کي تلقين ڪجو.

تَلقِين جي معني آهي: نصيحت ڪرڻ، سيکارڻ. جڏهن مَيت کي قبر ۾ لاهي مٽي وجهندا آهن، ان وقت ڪو به شخص قبر جي سيراندي پاسي بيهي مَيت جو ۽ ان جي ماءُ جو نالو وٺي پڪاريندو آهي: يا فُلاڻا بِن فُلاڻا! مُردو ان جو آواز ٻُڌندو آهي پر جواب ناهي ڏيندو، تلقين ڪرڻ وارو ٻيهر پُڪاريندو آهي: يا فُلاڻا بِن فُلاڻا! هن ڀيري مردو ان جو آواز ٻڌي ۽ سڌو ويهي رهندو آهي، تلقين ڪرڻ وارو ٽئين ڀيري به ائين ئي پڪاريندو آهي: يا فُلاڻا بِن فُلاڻا! هن ڀيري مردو چوندو آهي: مون کي تلقين ڪر، الله پاڪ تو تي رحم فرمائي. هاڻي تلقين ڪرڻ وارو چوندو آهي: 'اُذْكُرْ مَا خَرَجْتَ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا' ياد ڪر تون دُنيا مان ڪهڙي حال ۾ ويو آهين: شَهَادَةَ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ تون شاهدي ڏيندو هئين ته الله پاڪ جي سِوا ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله جا ٻانها ۽ رسول آهن، وَاَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللهِ رَبًّا وَبِالْاِسْلَامِ دِيْناً وَبِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَاماً تون الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي، اسلام جي دين هئڻ تي، مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نبي هئڻ تي ۽ قرآن جي امام هئڻ تي راضِي هئين.

پيارا اسلامي ڀائرو!تلقين جو اهو طريقو سرڪارِ عالي وقار، مديني جي

تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌايو ۽ فرمايائون: جڏهن تلقين ڪرڻ وارو مُردي کي تلقين ڪندو آهي ته مُنْڪر نَڪير (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا ملائڪ) هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي چوندا آهن: هلو اسان هن وٽ ڇا ويهون، جنهن کي ماڻهو ان جو دليل سيکاري چڪا آهن.

مَرڻ واري کي هن طرح تلقين ڪرڻ ان تي وڏو اِحسَان آهي، جيڪڏهن ٿورڙو وقت ڪڍي تلقين ڪرڻ سان مَرڻ وارو قبر جي سوالن کان بچي ويندو آهي ته تلقين ڪرڻ ۾ هر گز سُستي نه ڪرڻ گهرجي ۽ ياد رهي! ته اها تلقين عربي ئي ۾ ٿيندي ۽ مرڻ واري سان گڏ ان جي ماءُ جو نالو ورتو آهي، جيڪڏهن والده جو نالو مَعلُوم نه هجي ته تمام انسانن جي والده حضرت حَوَّا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو نالو ورتو وڃي. (معجم ڪبير، جلد:4، صفحه:348، حديث:7906)

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان نيڪ شخص مون کي انهيءَ طرح تلقين جي وصيت ڪئي، مون ان جي حامي ڀري ۽ ان جي وصيت تي عمل ڪرڻ جو وعدو ڪري ورتو، جڏهن ان شخص جو انتقال ٿيو ته مون ان جي وصيت جي مُطابِق عمل ڪيو، پنهنجي هٿن سان ان کي غسل ڏنو، نمازِ جنازه ادا ڪئي، قبر ۾ لاٿو، ان وصيت ڪئي هئي ته گهٽ مان گهٽ هڪ رات مون کي اڪيلو نه ڇڏجو، ان ڪري سڀئي ماڻهو هليا ويا، مان اتي موجود رهيس، ويٺي ويٺي مون کي ننڊ جو جهوٽو آيو، ننڊ جي حالت ۾ هڪ غيبي آواز ٻڌو، ڪو چئي رهيو هو: اي سفيان هن کي توهان جي تلقين ۽ قربت جي ڪا حاجت ناهي، ان لاءِ جو اسان پاڻ ئي هن کي قرب ڏنو ۽ تلقين ڪئي. حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون چيو، هن کي ڪهڙي عمل جي سبب هي رتبو مليو؟ آواز آيو: رمضان المبارڪ ۽ ان کان پوءِ شوال المڪرم جا ڇهه روزا رکڻ جي برڪت سان. حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان هڪ رات ۾ 3 ڀيرا مون اهو ئي خواب ڏٺو. (فيضانِ رمضان، صفحه:395)

میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!
بَرَاءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ!
نہیں درکار وہ خوشیاں، جو غفلت کا بنیں ساماں
عطا کر اپنی اُلفت، اپنے پیارے کا تُو غم مولیٰ!

(وسائلِ بخشش، صفحہ:98-99)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول ! مبارڪ هجي...! سيني کي مُبارَڪ هجي...!!** الله پاڪ جي ڪرم سان، ان جي فضل ۽ احسان سان هڪ ڀيري ٻيهر رمضان المبارڪ اچي رهيو آهي، هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ هڪ شام ايندي جو جڏهن نگاهون آسمان ڏانهن ڏسنديون هونديون، چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، هڪ پاسي کان آواز ايندو، اهو ڏسو! رمضان جو چنڊ نظر اچي ويو، ان سان گڏ مسجدن ۾ اعلان ٿيڻ لڳندا: سيني عاشقانِ رسول کي مبارڪ هجي! عظمتن، رفعتن، برڪتن، مغفرتن ڀري مهيني رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر اچي ويو آهي، سڀاڻي اِنْ شَآءَ الله! روزو ٿيندو.

مرحبا! صد مرحبا! پھر آمدِ رمضان ہے　　کھل اُٹھے مرجھائے دِل، تازہ ہوا اِیمان ہے
یاخُدا ہم عاصیوں پر یہ بڑا اِحسان ہے　　زِندگی میں پھر عطا ہم کو کیا رمضان ہے
اَبرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نور نور　　فَضْل ربّ سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے
ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے　　ہر گھڑی رَحمت بھری ہے، ہر طرف ہیں برکتیں
مُدّتوں سے دِل میں یہ عطّار کے ارمان ہے　　یاالٰہی! تُو مدینے میں کبھی رمضاں دکھا[1]

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:705-706

## آسماني ڪتاب نازِل ٿيڻ جو مهينو

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ واقعي وڏي شان وارو آهي، ان جي شان وعظمت ۾ برڪت و رِفعَت جو اندازو هن مان لڳايو جو الله پاڪ انسان جي هدايت و رهنمائي جي لاءِ، انسان کي جنّت جي راهه ٻڌائڻ جي لاءِ مختلف زمانن ۾ 4 وڏا آسماني ڪتاب نازِل فرمايا: (1): تَورات (2): زَبُور (3): انجيل ۽ (4): قرآنِ ڪريم. اهي چار ئي ڪتاب نازِل ڪرڻ جي لاءِ الله پاڪ جنهن مهيني جو انتخاب ڪيو، اهو رمضان آهي. مُسنَدِ امام اَحْمد جي روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ❖ **حضرت ابراهيم** عَلَيْهِ السَّلَام **جا صحيفا** رمضان جي پهرين رات نازِل ٿيا، ❖ **تَورات شريف** رمضان المبارڪ جي **ستاويهين** رات نازِل ٿيو، ❖ **انجيل شريف** رمضان المبارڪ جي **چوڏهين** رات نازِل ٿيو. (مسندِ اَحْمَد، جلد:7، صفحه:85، حديث:17447) ۽ **مُصَنَّف اِبنِ اَبِي شَيبَہ** جي روايت ۾ آهي: ❖ **زَبُور شريف** رمضان المبارڪ جي **ڇهين** تاريخ تي نازِل ٿيو . (مُصَنفْ اِبْنِ اَبِىْ شيبه، ڪتاب:فضائل القران، جلد:7، صفحه:191، حديث:5) **باقِي** رهيو قرآنِ ڪريم تہ الله پاڪ رمضان المبارڪ جو تَعَارُف ئي هنن لفظن سان ڪرايو آهي:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ
(پاره2،سورةالبقرة:185)

**ترجمو ڪنز الايمان**: رمضان جو مهينو جنهن ۾ قرآن لٿو.

تجھ پہ صدقے جاؤں رمضاں! تو عظیم الشّان ہے
تجھ میں نازِل حق تعَالیٰ نے کیا قرآن ہے

(وسائل بخشش، صفحه:705)

## رمضان المبارڪ جون بعض فضيلتون

سرڪارِغوثِ اَعظم، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **لفظ** رمضان ۾ 5 اکر آهن، (1): پهريون اکر: رَا، هن مان مراد آهي: رِضوَانُ الله يعني

رِضَاءِ الٰهي. (2): ٻيو اکر آهي: ميم، هن مان مُرَاد آهي: مَحَابَاةُ اللهِ عَنِ الْعُصَاةِ يعني الله پاڪ جو گنهگارن تي رحمت ۽ مهرباني فرمائڻ. (3): لفظِ رمضان ۾ ٽيون اکر آهي: ضَاد، هن مان مراد آهي: ضَمَانُ اللهِ يعني الله پاڪ جي امان. (4): چوٿون لفظ: اَلِف، هن مان مراد اُلْفَةُ الله (محبتِ الٰهي) آهي ۽ (5): پنجين اکر "نون" مان مراد آهي: نُوْرُ الله. معلوم ٿيو رمضان المبارڪ الله پاڪ جي رضا ملڻ جو مهينو آهي، رمضان المبارڪ گنهگارن تي رحمت نازل ٿيڻ جو مهينو آهي، رمضان المبارڪ الله پاڪ جي امان ملڻ جو مهينو آهي ۽ رمضان المبارڪ الله پاڪ جي محبت نصيب ٿيڻ ۽ نورِ الٰهي ملڻ جو مهينو آهي.

حُضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: رمضان جو مثال سيني ۾ دِل جيان آهي، دِل کي نورِ ايمان ۽ نورِ معرفت سان زينت و خوبصُورتي ملندي آهي، اهڙي طرح رمضان المبارڪ کي تلاوتِ قرآن جي نور سان سينگاريو ۽ آراستہ ڪيو ويندو آهي، رمضان جو مثال انسانن ۾ نبين جهڙو آهي، نبي سڳورا مُجرِمن جي شفاعت ڪندا آهن، اهڙي طرح رمضان بہ روزي دارن جي شفاعت ڪندو ۽ رمضان جو مثال شهرن ۾ مڪي ۽ مديني جهڙو آهي، انهن شهرن ۾ دَجّال داخِل نہ ٿي سگهندو، اهڙي طرح رمضان المبارڪ ۾ سرڪش شيطانن کي زنجيرون وجهي قيد ڪيو ويندو آهي. انهن تمام برڪتن، فضيلتن جي هوندي بہ جيڪو شخص رمضان المبارڪ ۾ بہ پنهنجي بخشش نہ ڪرائي سگهي تہ ٻي ڪهڙي مهيني ۾ بخشيو ويندو؟ هر مسلمان کي گهرجي تہ هن مقدس مهيني ۾ خُوب توبہ ڪري، هن ڪان پهريان جو توبہ جو دروازو بند ڪيو وڃي، هر مسلمان کي گهرجي تہ هن مبارڪ مهيني ۾ ڪثْرَت سان رب جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائي هن ڪان پهريان جو رَحْمَت جو وقت گذري وڃي. (غُنْيَۃ الطالبين، فصل:رمضان خَمْسَۃَ اَحْرُفٍ، جز:2، صفحہ:15)

بھائیو، بہنو! گناہوں سے سبھی توبہ کرو ۔ خُلد کے دَر کھل گئے ہیں، داخِلہ آسان ہے
آگیا رمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو ۔ فیض لے لو جلد یہ دِن تیس کا مہمان ہے
(وسائل بخشش، صفحہ:705-706)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! رمضان المبارڪ جي فضيلتن سان حديث سڳوريون مالا مال آهن، جيئن اَحاديثِ ڪريمہ جي مُطابِق: ❖ رمضان المبارڪ جي پهرين رات ايندي آهي تہ آسمانن جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا ❖ جيڪو بہ ٻانهو هن مبارڪ مهيني جي ڪنهن بہ رات ۾ نماز پڙهي ٿو تہ الله پاڪ ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) ان جي لاءِ پندرهن سؤ نيڪيون لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ ڳاڙهي ياقوت جو گهر ٺائيندو آهي. ❖ جيڪو رمضان جي مهيني جو پهريون روزو رکي ٿو، ان جا پنيان گناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن ❖ ۽ ان جي لاءِ صبح کان شام تائين ستر هزار فرشتا مغفرت جي دعا ڪندا رهن ٿا ❖ رات ۽ ڏينهن ۾ اهو ٻانهو جڏهن بہ سجدو ڪري ٿو ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) کيس (جنّت ۾) هڪ اهڙو وڻ عطا ڪيو وڃي ٿو جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار پنج سؤ سالن تائين هلندو رهي. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الصيام، جلد:3، صفحہ:314، حديث:3635ملتقطاً)

سُبۡحٰنَ الله! الله پاڪ جي رحمت تي قربان! رمضان المبارڪ ۾ صِرْف هڪ سجدي تي 1500 نيڪيون، جنّت ۾ سُرخ ياقوت جو گهر ۽ ايترو وڏو وڻ جو گهوڙي سُوار 500 سال تائين ان جي ڇانوَ ۾ هلندو رهي. سُبۡحٰنَ الله! سُبۡحٰنَ الله! هن مان اهي ماڻهو عبرت حاصِل ڪن جيڪي معاذ الله! نمازِ تراويح نٿا پڙهن، يا پڙهن بہ ٿا پر 20 پُوريون نٿا پڙهن. غُور ڪريو، نمازِ تراويح جي 20 رڪعتن ۾ ڪل 40 سجدا آهن، يعني جيڪو 20 رڪعتون تراويح پڙهي تہ الله پاڪ جي رحمت سان اُمّيد آهي تہ ان کي 60 هزار نيڪيون ملنديون، جنت ۾ 40 وڻ لڳندا، اهي رڳو سجدن جون نيڪيون آهن، قيام، رڪوع ۽ نمازِ تراويح ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ، ايتري دير مسجد ۾ رهڻ وغيره جو ثواب ان جي عِلاوه آهي. جيڪي نادان 8 رڪعتون تراويح پڙهي گهرن ڏانهن هليا ويندا آهن، اهي جڻ 36 هزار نيڪين ۽ 24 جنتي وڻن کان محروم رهن ٿا ۽ جيڪي 12 رڪعتون پڙهي تڪجي پوندا آهن، اهي 24 هزار نيڪين ۽ 16 جنتي وڻن کان محروم رهن ٿا، اها اجان حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل تعداد جي مُطابِق ظاهري ڳڻپ آهي، رحمتِ

الٰهي جي وُسْعت تي نگاهه رکي وجي تہ پوريون 20 رڪعتون نمازِ تراويح پڙهڻ وارن جي خوش نصيبي ۽ ڪجهه تراويح پڙهي موٽي وڃڻ وارن جي محرومين جو اندازو لڳائڻ ممڪن ئي نہ آهي.

الله پاڪ اسان سڀني کي هدايت نصيب فرمائي ۽ سڄو رمضان پُوريون 20 رڪعتون تراويح پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

بھائیو! بہنو! کرو سب نیکیوں پر نیکیاں　　پڑ گئے دوزخ پہ تالے، قید میں شیطان ہے
بھائیو! بہنو! گناہوں سے سبھی توبہ کرو　　خُلد کے دَر کھل گئے ہیں داخِلہ آسان ہے

(وسائل بخشش، صفحه:706)

## صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! حديث ۾ بيان ڪيل رمضان المبارڪ جون فضيلتون ٻڌون ٿا، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ❖ جڏهن رمضان المبارڪ جي پهري رات ايندي آهي تہ الله پاڪ منهنجي اُمَّت ڏانهن رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن ڏانهن الله پاڪ نظرِ رحمت فرمائي، ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. ❖رمضان المبارڪ جي هر رات ملائڪ منهنجي اُمَّت جي لاءِ مغفرت جون دُعائون ڪندا رهن ٿا. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:في الصيام، جلد:3، صفحه:303، حديث:3603ملتقطًا) ❖ بيشڪ سال جي شروع (يعني عيد الفطر جو چنڊ نظر اچڻ کان وٺي) اڳئين سال تائين جنّت رمضان المبارڪ جي لاءِ سجائي ويندي آهي. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:في الصيام، جلد:3، صفحه:312، حديث:3633) ❖ رمضان المبارڪ ۾ افطار جي وقت روزانو 10 لک گنهگارن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ شبِ جمعہ ۽ روزِ جمعہ (يعني جمعرات جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) هر هر گهڙي ۾ 10، 10 لک جي مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ اهي سڀئي مغفرت ماڻڻ وارا اهي آهن جن تي جهنّم واجب ٿي چڪو هو. (كَنزُ الْعُمَّال، جزء:8، جلد:4، صفحه:223، حديث:23716) پوءِ

جڏهن رمضان المبارڪ جي اوڻٽهين رات ايندي آهي ته سڄي مهيني ۾ جيترا جهنّم کان آزاد ڪيا ويا هئا، انهن جي برابر ان هڪ رات ۾ آزاد ڪيا ويندا آهن. (کَنزُ الْعُمَّال، جزء:8، جلد:4، صفحه:219، حديث:23702ملتقطًا)

ڪاش! رمضان ۾ مغفرت جي خيرات ماڻڻ واري خوش نصيبن ۾ اسان جو به نالو شامِل ٿي وڃي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

عصياں سے کبھی ہم نے کنارہ نہ کیا پر تُو نے دِل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنّم کی بہت کی تجویز لیکن تری رحمت نے گوارا نہ کیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان المبارڪ جي ٻن نالن جي وضاحت

حضرت سليمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا: الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ شعبان جي آخري ڏينهن رمضان المبارڪ جون فضيلتون بيان ڪيون، ان ۾ فرمايائون: هُوَ شَهْرُ الصَّبْرِ رمضان صبر جو مهينو آهي ۽ صبر جو ثواب جنت آهي، رمضان المبارڪ مُؤاسات جو مهينو آهي. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الصيام، جلد:3، صفحه:305، حديث:3608)

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو صبر وارو مهينو هئڻ ته بالڪل واضِح آهي، ڇوته هن مهيني ۾ ڪائڻ پيئڻ کان ۽ هر ان شيء کان جنهن سان روزو ٽٽي ويندو آهي، ان کان صبح کان شام تائين صبر ڪيو ويندو آهي، لهٰذا هن کي صبر جو مهينو چوندا آهن. باقِي رهيو هن کي ”مُؤاسات جو مهينو“ چوڻ ته هن جو سبب اهو آهي جو مُؤاسَات جي معني آهي: همدردي، ڀلائي ۽ غم خواري. جو ته رمضان المبارڪ ۾ سيني مسلمانن کان، خاص ڪري قريبي رشتيدارن کان ڀلائي ڪرڻ وڌيڪ ثواب آهي، ان ڪري هن کي مُؤاسَات وارو مهينو چوندا آهن. عالم سڳورن روزو فرض هئڻ جي حڪمتن مان هڪ

حڪمت اها بہ بيان فرمائي آهي تہ روزو فَقر و فاقي جو عَمَلي طَور تي اِحسَاس ڏياري ٿو. فَقُر ڇا آهي؟ غُرۡبَت ڇا آهي؟ گهر ۾ بُک هجي تہ ڪيتري مشڪل ٿيندي آهي؟ هن ڳالهہ کي جيتري بہ آسان لفظن ۾ بيان ڪيو وڃي، اسان غربت ۽ فقيري جي معني تہ سمجهي وٺنداسين پر ان جو پُورو اِحساس حاصِل نہ ٿيندو، جيڪڏهن انسان پاڻ بک واري حالت مان گذري تڏهن ان کي غُربت جو حقيقي مفهوم سمجهہ ايندو ۽ جڏهن هو حقيقي مفهوم سمجهي ويندو تہ پاڻهي ئي غريبن، فقيرن جي خير خواهي ڏانهن مائِل ٿي ويندو.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا والِدِ محترم، مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص هو، ان کي خير خيرات ڪرڻ جو گهڻو شوق هو، جيڪو ڪجهہ هٿ ۾ ايندو هو اهو راهِ خُدا ۾ خرچ ڪندو هو، صدقو ۽ خيرات تمام سٺو، نيڪ عَمَل آهي پر ان شخص جي رشتيدارن کي ان جو اهو ڪم بُرو لڳندو هو، هو ان کان بيزار اچي ويا تہ جيڪو ملي ٿو اهو سڀ ڪجهہ ئي خرچ ڪري ڇڏي ٿو، نيٺ ان جي رشتيدارن ان کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ ڪاڌو وغيره بہ بند ڪري ڇڏيو تہ جيئن هو (مَعَاذَ الله!)صدقي ۽ خيرات کان مڙي وڃي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن ان کي آزاد ڪيو ويو تہ رشتيدارن جو تہ اهو خيال هو تہ هاڻي هو خرچ ۾ ڪمي ڪندو پر ان پهريان کان بہ وڌيڪ صدقو خيرات ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. رشتيدارن چيو: ڇا توهان کي هن قيد ۽ مشقت مان بہ سبق نہ مليو؟ ان شخص چيو: سبق مليو آهي ۽ ان سبق تي ئي عمل ڪري رهيو آهيان، پهريان جڏهن مان بک اڃ ۽ فاقي مان پاڻ نہ گذريو هئس تہ ان وقت بہ مون کان ڪنهن جي غربت نہ ڏٺي ويندي هئي، هاڻي تہ مان غربت، بک ۽ اڃ جي شِدَّت کان آگاهہ ٿي چڪو آهيان، ان ڪري هاڻي پهريان کان وڌيڪ صدقو ۽ خيرات ڪيان ٿو. (جواہر البيان، صفحہ:94بتغير قليل)

معلوم ٿيو روزو اسان کي بک ۽ اڃ جي شِدَّت جو اِحسَاس ڏياري ٿو، غريبن جي غربت جو اِحسَاس ڏياري ٿو، ان ڪري رمضان المبارڪ کي مُؤاسات جو مهينو چيو ويندو آهي. **اي عاشقان رسول!** هتي اهو راز بہ سمجهہ

اچي ويو ته روزي جي حالت ۾ نڙي سگهڻ، آندن جو خشڪ ٿيڻ، بک ۽ اُڃ جو خوب اِحسَاس ٿيڻ روزي جي مقصدن مان آهي. جيڪڏهن اسان سحري ۾ ايترو پيٽ ڀري ونون جو عام حالتن ۾ 2 مانيون کائون ٿا ته روزي ۾ بک اڃ کان بچڻ جي لاءِ 4 مانين سان سحري ڪرڻ شروع ڪيون، افطاري ۾ به خوب پيٽ ڀري کائون ۽ سڄو ڏينهن بک اڃ جو بالڪل احساس ئي نه ٿئي ته ان سان روزي جو اَصل مقصد فوت ٿي ويندو ۽ گڏوگڏ وڌيڪ کائڻ سان طبيعت بدمزه به رهندي بلڪ مِعدو خراب ٿيڻ جو به قَوِي امڪان آهي. تنهنڪري رمضان المبارڪ ۾ سحري افطاري ۾ به گهٽ کائڻ جي سُنّت تي پُورو پُورو عمل ڪري ثواب ڪمائڻ گهرجي.

جيڪڏهن اسان مالدار آهيون، سحري افطاري ۾ 10 طعام تيار ڪرائي سگهون ٿا، افطار پارٽين تي هزارين روپيا خرچ ڪري سگهون ٿا، پر جيڪڏهن اسان گهٽ کائون، سحر و افطار ۾ سادگي اختيار ڪيون ته ڇا حرج آهي؟ جيڪڏهن غريبن جي غربت جو اِحسَاس وڌائڻ جي نيت سان، گهٽ کائڻ جي سُنَّت تي عمل جي نيت سان، کائڻ پيئڻ ۾ سادگي جي سُنّت تي عمل جي نيت سان سحر وافطار ۾ سادگي اختيار ڪئي وڃي ته اِنْ شَآءَ الله! ثواب جو خزانو هٿ ايندو.

اسان جا بزرگ سڳورا مَاشَآءَ الله! سڀ کان جدا مرتبي جا مالِڪ هوندا هئا، انهن جي هر ادا ئي نرالي هئي، حضرت بِشْر حافِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اولياءِ ڪرام جي صَف ۾ وڏو نالو آهي، هڪ ڀيري سياري جي موسم هئي، حضرت بِشْر حافِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن هنڌ سيءَ سبب ڏڪي رهيا هئا ۽ سردين وارو گرم لباس (مثال طور سُوَيٽر، جرسي وغيره) به وٽن موجود هو، ڪنهن عرض ڪيو: سائين! سيءَ به آهي، اوهان سيءَ سبب ڏڪي به رهيا آهيو، گرم لباس به موجود آهي ته اوهان اهو لباس ڇو نٿا پايو؟ حضرت بشر حافِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ايمان افروز جواب غور سان ٻڌو! فرمايائون: اي ڀاءُ! دُنيا ۾ غريب تمام گهڻا آهن، مون وٽ ايترو مال ناهي جو مان سڀني کي ڪپڙا ورهائي سگهان، جيئن ته مان سڀني کي گرم

لباس پارائي انهن سان همدردي نٿو ڪري سگهان تہ پنهنجو گرم لباس لاهي، سردي محسوس ڪري غريبن سان همدردي جو اِظهار ڪري رهيو آهيان. (مرقاة، ڪتاب:صوم، جلد:4، صفحہ:385)

## روزي جي فرضيت واري آيت جي تفسير

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جا روزا الله پاڪ اسان تي فرض ڪيا آهن، اِرشاد آهي:

يٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَیْكُمُ الصِّیَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾

**ترجمو ڪنزلايمان:** اي ايمان وارؤ! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن، جيئن اوهان کان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا. من اوهان پرهيزگار ٿيو، (پاره2،سورةالبقرة:183)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا والدِ محترم، حضرت علّامہ مولانا، نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت تحت وڏا قيمتي ۽ ايمان افروز مدني گل بيان ڪيا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: اي عزيز! هن آيت کي پڙهي پهريان تہ هن قيمتي دولت تي غور ڪر تہ الله پاڪ جَلَّ شَانُهٗ روزيدار جي ايمان جي گواهي ڏني آهي ۽ ان کي ”اي ايمان وارو“ چئي پڪاريو آهي (جيڪڏهن دِل ۾ محبتِ الٰهي جي شمع روشن هجي تہ هن خطاب جي مناس ئي روزي تي آماده ڪرڻ جي لاءِ ڪافِي آهي پر الله پاڪ جي شفقت وعنايت ۽ رَحْمت جو سلسلو هتي ختم ناهي ٿيو) ان کان پوءِ الله پاڪ پنهنجي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمَّت جي تسڪين ۽ تسلي جي لاءِ فرمايو: جيئن توهان کان پهريان وارين اُمَّتن تي فرض ڪيا ويا هئا. (جواہر البيان، صفحہ:86بتغير قليل)

جيڪڏهن ڪو شخص بيمار ٿي وڃي ۽ ان بيماري کي مٿي تي سُوار ڪري وٺي، پريشاني ۾ ٻڏي وڃي تہ ڊاڪٽر جو صِرف هڪ جملو ان جي پريشاني پري ڪري ڇڏيندو آهي، ڊاڪٽر جڏهن چوندو آهي: پريشان ٿيڻ جي ڪا

ضرورت ناهي، موسم تبديل ٿي رهي آهي، اڄڪلهه ماڻهو بيمار ٿي رهيا آهن، بس ايترن لفظن سان ان جي پريشاني دور ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح روزو به مَشَقَّت ڀري عبادت آهي، سحر کان افطار تائين بکايل رهڻ، چاهي سخت گرمي هجي، نڙي سڪي وڃي، پاڻي موجود هجي، پوءِ به اُڃ تي قابُو آسان ڪم نه آهي، ان ڪري الله پاڪ پهريان ئي تسلي ڏني ته اي منهنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا غلامو! پريشان نه ٿيو، اها مشقت صرف توهان لاءِ نه آهي، توهان کان اڳوڻيون اُمَّتون به روزا رکنديون هيون. مولاءِ ڪائنات،اَمِيرُ الْمُؤْمِنِين حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: روزو قديم (يعني تمام پُراڻي) عبادت آهي، ڪا شريعت هن جي فرضيت کان خالي نه آهي.

هاڻي هن هنڌ مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو عِلم، سندن قرآن جي سمجهه ۽ علمي نڪته ڏسو! پاڻ فرمائن ٿا جيڪڏهن گهري نظر سان هن آيت تي غور ڪيو وڃي ته خبر پوندي ته اَصل مَقصد اهو هو جو روزي جهڙي نهايت نفع بخش عِبَادت صِرف محبوبِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري اُمَّت تي فرض ڪئي وڃي پر روزو مَشَقَّت واري عِبَادت آهي، ان ڪري هن اُمَّت تي الله پاڪ جي رَحمت وعنايت کي اهو پسند نه آيو ته اهڙي مَشَقَّت واري عِبادت هڪدَم هن اُمَّت تي فرض ڪئي وڃي، لِهٰذا اَللّٰه پاڪ پنهنجي ڪامل حڪمت سان اهو انداز اختيار فرمايو جو حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تائين هر مَذْهب ومِلّت ۾ روزو فرض قرار ڏئي ڇڏيو ته جيئن جڏهن محبوبِ رَبّ اڪبر صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي غُلامن تي اها عبادت فرض ڪرڻ جو وقت اچي ته هو اڳوڻين اُمّتن جو حال ٻُڌي بي تڪلف روزو رکن ۽ انهن کي مشقت ۽ پريشاني نه ٿئي. (جواہر البیان، صفحہ:86بتغیر قلیل)

پوءِ هڪ ٻي اعتبار سان الله پاڪ جي عنايت ومهرباني مُلاحظ ڪريو! ارشاد آهي:

اَیَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ڳڻيل ڪجهه ڏينهن آهن،

مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهي الفاظ بہ الله پاڪ جي ڪمال عنايت بابت دليل آهن، هن مان معلوم ٿيو تہ الله رَحمٰن ورَحيم کي انتها کان وڌيڪ هن اُمَّت جي دِل جُوئي منظور آهي. هن ڳالهہ کي هڪ مِثال سان سمجهو! ٻار جڏهن ننڍو هوندو آهي، والِد صاحب پهرين پيري جڏهن ان کي اسڪول، مدرسي وغيره ڇڏڻ ويندا آهن تہ ان جي تسلي ۽ تسڪين جي لاءِ چوندا آهن: پٽ! فِڪر نہ ڪر! هاڻي ٿوري دير ۾ موڪل ٿي ويندي. رَحْمت وشفقت ۽ عنايتن جو اهو ئي قاعِدو هتي بہ آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غُلامن کي تسلي ڏني ۽ فرمايو: فڪر نہ ڪيو! روزن جي فرضيت صِرْف ڪجھ ئي ڏينهن(يعني صرف هڪ مهيني) جي لاءِ آهي. ها! ڏينهن جي ڳڻپ نہ ڪيو، روزي جي مشقت تي نگاھ نہ رکو، ان جي فائدن تي غور ڪيو، روزا رکڻ تہ ڇا ملندو؟ ارشاد فرمايائون:

لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ **ترجمو ڪنزلايمان: من اوهان پرهيزگار ٿيو** (پاره2،سورةالبقرة:183)

يعني روزي جي برڪت سان توهان کي تقويٰ جهڙي عظيم نعمت ملي ويندي. مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: روزو رياضت ۽ نَفس مارڻ جي مشق (Practise) آهي، اِنسان ۾ 2 قوتون آهن جيڪي سمورن گُنَاهن جون پاڙون آهن، هڪ شهوت، ٻي ڪاوڙ. اهي ٻئي قُوَّتون وڌيڪ ڪائڻ پيئڻ کان وڌن ٿيون ۽ گهٽ ڪائڻ پيئڻ کان ڪمزور ٿين ٿيون، لهٰذا جڏهن انسان گهٽ ڪائيندو، گهٽ پيئندو آهي تہ ان جي اندران شهوت ۽ غُصّو گهٽ ٿيڻ لڳندو آهي، نَفْس ڪمزور ٿيندو آهي ۽ دِل ۾ ايماني نور وڌڻ لڳندو آهي، پوءِ آهستہ آهستہ اهو مقام حاصِل ٿيندو آهي جو انسان گُنَاهن کان پري ٿي الله پاڪ ڏانهن پُوري طرح مُتَوَجّہ ٿي ويندو آهي، ايستائين جو نُورِ ايمان سان هر پاسي الله پاڪ جي قدرت جا جلوا ڏسندو آهي ۽ پنهنجو ايمان ۽ يقين وڌائيندو آهي. (جواہر البیان، صفحہ:87بتغیر قلیل)

مُحَمَّدِ عربي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پنهنجا پيٽ بکايل رکو! پنهنجا جگر اڃايل رکو، توهان الله پاڪ کي ظاهر و عِيان (يعني هر پاسي ان جي

قدرت جا نشان) ڏسندو. (طبقات الشافعيہ، جلد:6،صفحہ:334) هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: شيطان انسان جي بدن ۾ رت جيان گردش ڪري ٿو، (بخاری، کتاب: الاعتکاف، صفحہ:533، حديث:2038) بُک ۾ اڃ ذريعي ان جي راهه تنگ ڪيو. (احياء العلوم، جلد:3، صفحہ:98)

مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مزيد فرمائن ٿا: اي عزيز! تنهنجي کائڻ سان الله پاڪ جي رِزق جي خزاني ۾ ڪمي نہ ٿيندي پر ڳالهہ اها آهي جو پيٽ ڀري کائڻ سان تون نفس جو پابند ٿي ويندين ۽ الله پاڪ ۽ تنهنجي وچ ۾ پردو حائِل ٿي ويندو. جڏهن تہ بکايل رهڻ سان دِل جي صفائي ٿيندي، دِل ۾ رِقت و نرمي ايندي، عِبَادت ۾ لَذّت ملندي، عاجزي ۽ انڪساري نصيب ٿيندي، شهوت جو زور ٽُٽندو، ننڊ ۾ ڪمي ايندي، نيڪي تي استقامت ملندي ۽ گڏوگڏ هزارين بيمارين کان نجات بہ مِلي ويندي. (جواہر البیان، صفحہ:87بتغير قليل)

جي ها! روزو رکڻ سان تندرستي ملندي آهي. اَوّلين وآخرين جو عِلم رکڻ واري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صاف صاف ارشاد فرمايو: صُوْمُوْا تَصِحُّوْا روزا رکو! تندرست ٿي ويندؤ. (معجمُ الْاَوْسط، جلد:6، صفحہ:147، حديث:8312)

تفسير قرطبي ۾ آهي: هڪ ڀيري هڪ غير مسلم ڊاڪٽر حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضِر ٿي چوڻ لڳو: عِلم ٻن قسمن جو آهي: (1):عِلمُ الْاَدْيان (يعني ديني عِلم) ۽ (2):عِلمُ الاَبْدَان (يعني ڊاڪٽري جو عِلم).

اوهان جي مَذهبي ڪتَاب قرآنِ ڪريم ۾ عِلمِ دين تہ آهي پر طِب (يعني ڊاڪٽري جو عِلم) نہ آهي. امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: توهان سڄي قرآن جي ڳالهہ ڪيو ٿا، قرآن جي صِرف هڪ آيت جي هڪ جُزْ ۾ ئي سڄي طِبْ جو خُلاصو بيان ڪيو ويو آهي، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سيپاري 8، سُوْرَةُ الْاَعْرَاف جي آيت:31 جو اهو حصو تلاوت ڪيو:

وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۳۱﴾ (پارہ8،سورۃالاعراف:31)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ کائو ۽ پيئو ۽ حد کان نہ لنگهو بيشڪ حد کان لنگهندڙ ان کي پسند نہ آهن.

هن آيت ۾ اِسْراف جون 2 صُورتون آهن: پهرين اها تہ بک نہ هجي تہ بہ کائڻ، ٻي اها تہ خوب پيٽ ڀري کائڻ، الله پاڪ انهن ٻنهي ڳالهين کان منع ڪيو آهي، پوءِ جيڪو ٻانهو چڱي طرح بک لڳل هجي تڏهن ئي ڪائي ۽ اجا بک باقي هجي تہ هٿ روڪي وٺي تہ اِنْ شَآءَ الله! هو تندرست رهندو.

اُن غير مسلم آيت ٻُڌي چيو: چلو اهو تہ مڃي ورتو تہ قرآنِ ڪريم ڪجھ لفظن ۾ تمام عِلْمِ طِب جو خلاصو بيان ڪري ڇڏيو آهي پر توهان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن باري ۾ ڪجھ ناهي فرمايو، امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن فرمايو: منهنجي نانا جان، سلطانِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون هزارين حديثون آهن، صِرْف هڪ ئي حديث ۾ پاڻ عِلْمِ طِب جو خُلاصو ڪيو آهي، جيئن حديثِ پاڪ آهي: سڀ کان بُرو برتن جنهن کي انسان ڀري ٿو، اهو ان جو پيٽ آهي، انسان کي صرف ڪجھ ئي گرھ ڪافي آهن، جيڪي ان جي چيلھ سڌي رکن. (ترمذی، کتاب:الزہد، صفحہ:566، حدیث:2380) ان غير مسلم ڊاڪٽر جڏهن اها حديثِ پاڪ ٻُڌي تہ چيائين: مَا تَرَكَ كِتَابُكُمْ وَلَا نَبِيُّكُمْ لِجَالِيْنُوْسَ شَيْئًا يعني توهان جي ڪتاب ۽ توهان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جالينوس (جيڪو پنهنجي وقت جو تمام وڏو حڪيم گذريو آهي، ان) جي لاءِ ڪجھ ناهي ڇڏيو، سموري طب جو خُلاصو بيان ڪري ڇڏيو آهي. (تفسير قُرطبی، پارہ:8، سورۃ الاعراف، تحت الآیۃ:31، جلد:4، صفحہ:118)

الله پاڪ اسان سڀني کي رمضان المبارڪ ۾ خوب خوب روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي، روزي جي برڪت سان ظاهري بيمارين کان بہ شفا عطا فرمائي ۽ باطني بيمارين کان شفا ڏئي تقويٰ ۽ پرهيزگار جي دولت بہ نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان المبارڪ جي لاءِ هينئر کان تياري ڪري وٺو

اي عاشقانِ رسول! اهڙو عظيمُ الشّان مهينو اچي رهيو آهي جو جنهن جي

هر گهڙي رحمت ٻري آهي، ڇا اسان هن جي لاءِ تياري ڪئي آهي؟ اهو مهينو اسان کي ڪيئن گذارڻو آهي، ان جون برڪتون، ڇماڇم ٿيندڙ رحمتون اسان ڪيئن حاصِل ڪنداسين، ڇا هن جي لاءِ اسان پلاننگ ڪئي آهي؟ جيڪڏهن ناهي ڪئي ته هڪدم ڪرڻ گهرجي. ماهرينِ نفسيات جي مطابق ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابي جي بنيادي اُصُولن مان هڪ اُصول **"پيشگي پلاننگ"** آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو جدول *(Schedule)* نٿا ٺاهين، پيشگي پلاننگ نٿا ڪن، هو پنهنجو قيمتي وقت برباد ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪيتري اَفسوس جي ڳالهه آهي جو گهر ۾ ننڍڙي دعوت هجي، پٽ جي شادِي ڪرڻي هجي بلڪ رشتو ڏسڻ جي لاءِ مهمانن کي اچڻو هجي ته اسان هڪ هڪ شيءِ جي پلاننگ ڪيون ٿا، مهمانن کي ويهارڻو ڪٿي آهي؟ مهمان نوازي طور ڇا پيش ڪرڻو آهي؟ مهمانن جي ايندي ئي پاڻي، شربت پيش ڪرڻو آهي يا چانهه پيئارڻي آهي؟ ماني ۾ ڇا ڇا هئڻ گهرجي؟ وغيره وغيره هڪ هڪ شيءِ جي باري ۾ گهر ڀاتين کان هر هر مشورا ڪيا ويندا آهن، بلڪ ان کان به وڏيڪ حيرت ۽ افسوس جي ڳالهه آهي جو رمضان المبارڪ کان پوءِ صِرف هڪ ڏينهن جي لاءِ عيد الفطر ايندي آهي، اسان ان هڪ ڏينهن جي تياري ۾ سڄو رمضان گذاري ڇڏيندا آهيون، ڪپڙا ڪهڙا خريد ڪرڻا آهن؟ جوتو ڪهڙو ۽ ڪيتري وارو وٺڻو آهي؟ وغيره وغيره. رمضان جا ابتدائي 10 ڏينهن مشڪل سان گذرن ٿا ته بازارن ۾ رش لڳي ويندي آهي، ڪيئي نادان ته صِرُف عيد جي شاپنگ ڪرڻ جي لاءِ روزو ڇڏي ڏيندا آهن ته جيئن سياڻي بازار وڃڻو آهي، گهڻي رش هوندي، گرمي به گهڻي آهي، اڃ لڳندي، ان ڪري سياڻي جو روزو ناهي رکڻو. اَسْتَغْفِرُ اللهُ! اَسْتَغْفِرُ اللهُ!

مَعَاذَ الله! ڪهڙي ناداني آهي جو صِرف عيد الفطر جي هڪ ڏينهن جي تياري اهڙي زور، شور سان ڪئي ويندي آهي پر رمضان جنهن جي صدقي ۾، جنهن جي انعام جي طور تي اسان کي عيد جون خوشيون نصيب ٿيون آهن، ان ماهِ ذيشان جي لاءِ اسان ڪا تياري ئي نٿا ڪيون.

صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان جي نيڪ جذبات تي قربان! اهي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها وڏي جذبي وارا ۽ نيڪين جا حريص هئا جو شعبان جو چنڊ نظر ايندي ئي (يعني هڪ مهينو پهريان کان) رمضان جي تياري شروع ڪري ڇڏيندا هئا.

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: شعبان جو چنڊ نظر ايندي ئي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم تلاوتِ قرآنِ پاڪ ڏانهن خوب متوجهه ٿي ويندا هئا، پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍندا هئا تہ جيئن غريب ۽ مسڪين رمضان جي روزن جي لاءِ تياري ڪري سگهن، واپاري پنهنجا قرضا ادا ڪري ڇڏيندا هئا، ٻين کان پنهنجا قرض وُصُول ڪري وٺندا هئا (اهڙي طرح رمضان المبارڪ کان پهريان ئي پنهنجو پاڻ کي آجو ڪندا هئا) ۽ رمضان شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي غسل ڪري (بعض حضرات) اعتڪاف ۾ ويهي رهندا هئا. (غُنْيَۃ الطالبين، قسم الثالث: مواعظ القرآن، جز:1، صفحہ:341)

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ توفيق عطا فرمائي، رمضان المبارڪ چڱي انداز ۾ عبادت ۽ رياضت ڪندي گذارڻ جي لاءِ اسان کي گهرجي تہ رمضان جو چنڊ نظر اچڻ کان پهريان ئي پلاننگ ڪري وٺون، مثال طور ❖ هن ڀيري رمضان المبارڪ ۾ ايترا قرآنِ ڪريم مڪمل پڙهندس.❖ ايترا درودِ پاڪ پڙهندس. ❖ ايترا نفل ادا ڪندس ❖ ايترو وقت ذِڪر، اَذڪار ۾ گذاريندس، اهڙيون نيتون ڪري جدول ٺاهيو وڃي. پهريان پلاننگ جو بهترين طريقو اهو هوندو آهي تہ پنهنجو جدول لکي محفوظ ڪيو وڃي، نہ تہ وقتي طور تي نيت تہ ٿي رهي هوندي آهي پر جڏهن رمضان المبارڪ ايندو آهي تہ شيون ذِهن مان لهي وينديون آهن، لهٰذا اڄ ئي ڪوشش ڪري رمضان المبارڪ جو جدول ٺاهي ڪنهن محفوظ هنڌ لکي وٺو.

رمضان المبارڪ جو جدول ٺاهڻ وقت حڪمتِ عملي اپنائڻ گهرجي، اها هي تہ عِبَادتن ۾ سڀ کان اَفْضَل فرض آهن ۽ رمضان المبارڪ ۾ هڪ فرض جو ثواب 70 فرضن جي برابر ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري پنهنجي جدول ۾ فرضن کي فوقيت ڏني وڃي. مثال طور غور ڪري تہ جيترو عِلْمِ دين سکڻ

مون تي فرض آهي، ڇا اهو مان مڪمل سکي چڪو آهيان؟ جيڪڏهن نہ تہ فرض عِلم سکڻ جو بہ وقت رکيو وڃي، اهڙي طرح قضا نمازون هجن تہ انهن کي ادا ڪرڻ وغيره.

فرض عِلم سکڻ جي لاءِ امير اهلسنت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ڪتاب **فيضانِ رمضان، نماز جا اَحڪام، ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، غيبت جون تباهہ ڪاريون** وغيره مڪتبة المدينہ تان حاصِل ڪيون وڃن، اهڙي طرح **بهارِ شريعت** ۽ مڪتبة المدينہ جا ٻيا ڪتاب ۽ رسالا حاصِل ڪري انهن کي پڙهڻ جو باقاعده وقت طئي ڪيو وڃي، رمضان المبارڪ ۾ مَاشَآءَ الله! مدني مُذاڪرن جون بہ بهارون هونديون آهن، الحمد لله! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه رمضان شريف ۾ روزانہ 2 مدني مذاڪرا ڪندا آهن (يعني عاشقانِ رسول جي سُوالن جا جواب ڏين ٿا) هڪ مدني مذاڪرو عصر جي نماز کان پوءِ ۽ ٻيو نمازِ تراويح کان پوءِ مدني چينل تي لائيو (*Live*) نشر ڪيو ويندو آهي، اهي مدني مذاڪرا بہ عِلمِ دين سکڻ جو بهترين ذريعو آهن، ان مدني مذاڪرن ۾ شِرڪت ڪئي وڃي.

ان جي عِلاوه عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي ڊيپارٽمنٽ المدينة العلميہ (اسلامک ريسرچ سينٽر) جي هڪ تمام پياري ڪتاب آهي: "رمضان المبارک کے صبح وشام گزارنے کا طریقہ" اهو ڪتاب اَصل ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت هزارين هنڌن تي ٽيڻ واري اجتماعي سُنت اعتڪاف جو جدول آهي، هن ڪتاب ۾ ڪوڙ فرض عُلُوم سان گڏوگڏ رمضان المبارڪ جي آخري عشري (يعني 21 تا 30 رمضان) جو سڄو جدول ڏنو ويو آهي، رمضان المبارڪ جو جدول بنائڻ جي لاءِ هن ڪتاب مان بہ ڀرپور مدد حاصِل ڪري سگهجي ٿي.

## اعتڪاف جون فضيلتون

رمضان المبارڪ جون برڪتون ۽ رحمتون حاصِل ڪرڻ، رمضان المبارڪ

گُنَاهن کان بچي نيڪين ۾ گذارڻ جو سڀ کان بهترين طريقو اِعتِڪاف آهي. ❖ شعبان المعظم جي آخري ڏينهن سج لهڻ کان پهريان ئي تياري ڪري اعتڪاف جي نيت سان مسجد ۾ پهچي وڃي. ❖ مسجد جي آداب جو خيال رکندي سڄو رمضان مسجد ۾ گذاري ❖ ڪڏهن تلاوتِ قرآن ۾ مَصرُوف ٿئي، ❖ ڪڏهن ذِڪرُ الله ڪري، ❖ ڪڏهن آخرت جي مُعَاملن ۾ غور وفڪر ڪري، ❖ ڪڏهن ديني ڪتابن جو مطالعو ڪري، ❖ رَوئي رَوئي پنهنجي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دُعائون گهري، ❖ بخشش ۽ مغفرت جون التجائون ڪري، ❖ بس دُنيا کان ڪٽجي سڄو رمضان الله پاڪ جي گهر ۾ رهي ته ان جو لطف ئي جدا آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا و خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو الله پاڪ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ 3 خندقون حائِل ڪندو، هر خندق جي مَسَافت (يعني دُوري) اولهه ۽ اوڀر جي مفاصلي کان به گهڻي آهي. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الاعتکاف، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3965) اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ طيبہ، طاهره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَاناً وَ اِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا اڳوڻا تمام گناهه بخشيا ويندا. (جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480) هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: جنهن رمضان المباڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي جيئن 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا. (جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479) اِبنِ ماجَہ شريف جي روايت ۾ آهي: اعتڪاف ڪرڻ وارو گناهن کان بچيل رهندو آهي ۽ ان جي لاءِ تمام نيڪيون لکيون وينديون آهن جيئن ان جي ڪرڻ واري جي لاءِ هونديون آهن. (ابن ماجہ، کتاب:صيام، باب:فی ثواب الاعتکاف، صفحہ:284، حديث:1781) يعني مُعْتَڪف اِعتڪاف جي ڪري جن نيڪين کان محروم ٿيو جيئن زيارتِ قُبور، مسلمانن سان ملاقات، بيمار جي مِزاج پُرسي، نمازِ جنازه ۾ حاضِري ان کي هنن سيني نيڪين جو ثواب ساڳي طرح ملندو آهي جيئن اهي ڪم ڪرڻ وارن کي ثواب ملندو آهي.حضرت حَسَن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان منقول آهي: مُعْتَڪف کي هر روز هڪ حج جو ثواب ملندو آهي. (شُعَبُ

الْاِيْمَان، باب:فی الاعتكاف، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3968)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اجتماعي سُنَّت اعتڪاف جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ هر سال لکين لک مسلمان رضاء اِلٰهي ماڻ، سُنَّتِ مصطفيٰ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اپنائڻ، رحمتن برڪتن سان مَعمُور ۽ ثواب سان ڀر پور شبِ قدر ماڻڻ جي لاءِ هن مهيني جي آخري عشري جو اعتڪاف ڪن ٿا، يقيناً اها تمام وڏي سعادت آهي پر عِلمِ دين جي ڪمي ۽ معلومات نہ هئڻ جي ڪري ڪيئي مُعتَڪف حضرات مسجد جي آداب ۽ عبادتن ڪي صحيح طور تي ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب نٿا ٿين، نتيجي طور اعتڪاف جون برڪتون پُوري طرح حاصِل ڪرڻ ڪان محروم رهجي ويندا آهن. اَلْحَمْدُلِله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي مسلمانن ڪي قرآن وسنت جو عامِل بنائڻ، انهن کي عِلم و عمل جي زيور سان آراستہ ڪرڻ ۽ عبادتن جو ذوق وشوق وڌائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي.اَلْحَمْدُلِله! دعوتِ اسلامي تحت هر سال ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ هزارين مسجدن ۾ اجتماعي اعتڪاف جو سلسلو ٿيندو آهي، هن اعتڪاف جو صبح سحري ڪان وني اڳيئن سحري تائين هڪ هڪ منٽ جو جدول تهيل هوندو آهي، مبلغ سکڻ سيکارڻ جا حلقا لڳائيندا آهن، ڪڏهن درس وبيان جي ذريعي عِلمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو آهي، ڪڏهن قرآنِ ڪريم درست مخارج ۽ تجويد وقراءَت سان سکڻ جا حلقہ، ڪڏهن سنتون ۽ آداب سکڻ، ڪڏهن دُعائون ياد ڪرڻ جا حلقہ، فرض عُلُوم سکڻ سيکارڻ جي ترڪيب، قرآنِ ڪريم ترجمي ۽ تفسير سان ٻڌڻ ٻڌائڻ جا حلقہ، ان سان گڏوگڏ اشراق وچاشت، اَوَّابين، نمازِ توبہ، تهجد، سحر و افطار جون رِقّت انگيز دُعائون، الغرض عِلمِ دين ۽ نفل عبادتن جي برڪتن سان مالا مال اهي اجتماعي اعتڪاف ڪردار نڪاري سنتن جو پابند بنائڻ ۽ رمضان المبارڪ جي برڪتن سان جهولي ڀرڻ جو بهترين ذريعو آهي.

**اي عاشقانِ رسول!** دُنياوي ڪم نہ ڪڏهن ختم ٿيا آهن، نہ ڪڏهن ختم ٿيندا، مجبوريون گڏوگڏ هلنديون رهن ٿيون، آئنده سال خبر ناهي رمضان ڏسڻ نصيب ٿيندو يا نہ، بَس همت ڪريو، ذِهن بڻايو ۽ هن ڀيري دعوتِ اسلامي تحت اجتماعي اعتڪاف ۾ شِرڪت ڪري ونو. اِنْ شَآءَ اللّٰہ! بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي.

## بگڙيل اخلاق سنورجي ويا

شُجاع آباد ضلع ملتان جو هڪ اسلامي ڀاءُ والدين جو معاذ اللّٰہ وڏو گستاخ هو، ڪرڪيٽ ۽ بليرڊ کيڏڻ ۾ ڏينهن برباد ڪرڻ ۽ رات ويڊيو سينٽر ۾ وڃائڻ، رمضان المبارڪ ۾ ان ماءُ ڀيءُ سان تمام گهڻو جهيڙو ڪيو ايستائين جو گهر ۾ سامان وغيره ٽوڙي وڌو، پنهنجي گناهن ڀري زندگي کان پاڻ بہ بيزار هو، تمام گهڻو جذباتي هو، ان ڪري معاذ اللّٰہ ڪيئي ڀيرا خود ڪشي جي بہ ڪوشش ڪئي پر الحمد للّٰہ! ناڪامي ٿي. اللّٰہ پاڪ جي ڪرم سان ان کي رمضان المبارڪ جي آخري عشري ۾ اعتڪاف جو شوق پيدا ٿيو، پنهنجي گهر جي قريبي مسجد ۾ اعتڪاف جو ارادو هو تہ هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي، ان جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي تحت عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ معتڪف ٿيو. الحمد للّٰہ! اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن جي ڇا ڳالھ ڪجي! ڪلين شِيو ۽ پينٽ پاتل هئي، پر سکڻ سيکارڻ جي حلقن، سنتن ڀري بيانن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت اهو رنگ چڙهايو جو ان هٿو هٿ ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪئي، عمامي شريف جو تاج مٿي تي سجائي ورتو ۽ چند رات خوب رَوئي روئي گناهن کان توبہ ڪرڻ کان بعد گهر وڃڻ بدران هٿوهٿ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويو. ان جو چوڻ آهي: خدا جو قسم! اها منهنجي زندگي جي سڀ کان پهرين عيد هئي جيڪا تمام سني گذري. واپسي تي گهر اچي امڙ سائڻ جي قدمن تي ڪري پيو ۽ ايتري قدر رُنو جو سڏڪا بند

نہ ٿيا ۽ بيهوش ٿي ويو. ڪم وبيش اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن هوش آيو تہ سڄي گهر وارا ان جي آسپاس هئا ۽ حيرت وچان هڪ ٻئي جو منهن ڏسي رهيا هئا تہ هن کي ڇا ٿي ويو آهي! الحمد لله! گهر ۾ تمام سني ترڪيب ٿي وئي.

(فيضانِ رمضان، صفحہ:412)

بگڑے اخلاق سارے سنور جائیں گے — مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بس مزا کیا مزے کو مزے آئیں گے — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
مان بھی جاؤ عطار کی اِلتِجا — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
ہوگا راضی خُدا، خوش شہِ انبیاء — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف

## دار الافتاء اهلسنت موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي:( *Dar-ul-Ifta Ahlesunnat*) (دارالافتاء اهلسنت). اها ايپلي ڪيشن *Android* ۽ *IOS* ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان آساني سان ڊاؤن لوڊ ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ❖ مختلف موضوعن تي پڇيا ڪيل سوالن جا جواب آڊيو، ويڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن.❖ احڪامِ تجارت.❖ فرض علوم ڪورس ❖ ۽ تجارت ڪورس بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامِل آهي. فرض علوم سکڻ، روزمَرّه مسئلن جو شرعي حل ڄاڻڻ جي لاءِ اها ايپلي ڪيشن ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو، پاڻ بہ هن مان فائدو کڻو ۽ ٻين تائين بہ پهچايو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاه نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ 3 ڀيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت ٿئي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪيرا آهن؟ فرمايائون:

منهنجي سُنّت سان مَحبّت ڪرڻ ۽ بين کي سيکارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”ٻارن تي شفقت ڪرڻ“ سُنّت آهي

ﻫ 2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم ناهي ڪندو اهو اسان مان ناهي. (ترمذی، کتاب: بِرْ وَالصلہ، صفحہ:471، حدیث:1919) (2): جنّت ۾ هڪ گهر آهي جنهن جو نالو آهي:دَارُالْفَرَح (خوشي جو گهر)، ان ۾ اهي ئي ماڻهو داخِل ٿيندا جيڪي ٻارن جي دل خوش ڪن ٿا. (جامع صغير، صفحہ:140، حديث:2321)

اي عاشقانِ رسول! ٻارن تي شفقت ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي ❖ اسان جا پيارا آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻارن تي گهڻي شفقت ڪندا هئا ❖ جڏهن به نئون ميوو ايندو هو ان ۾ برڪت جي دعا ڪرڻ کان پوءِ سڀ کان پهريان ٻارن کي عنايت فرمائيندا هئا ❖ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻارن وٽان لنگهندا هئا ته انهن کي سلام ڪندا هئا ❖ ٻارن جي تَحْنِيڪ فرمائيندا (يعني ستي ڏيندا) هئا، انهن کي هنج ۾ ويهاريندا هئا، هڪ ڏينهن حضرت اُمِّ قَيس رَضِیَ اللّٰہ عَنْھا پنهنجي کير پياڪ ٻار کي خدمتِ اَقدس ۾ وٺي آيون، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان ٻار کي پنهنجي هنج ۾ ويهاريو، ان حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڪپڙن تي پيشاب ڪري ڇڏيو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان تي پاڻي هاري ڇڏيو ۽ ڪجھ نه چيائون ❖ هڪ ڳوناڻي جانِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو: اوهان ٻارن کي چُمندا آهيو، اسان ته ائين ناهيون ڪندا. اِرشاد فرمايائون: جڏهن الله پاڪ توهان جي دل مان رَحم ڪڍي وٺي ته مان ڇا ڪري سگهان ٿو. (سیرت رسول عربی، صفحہ: 325تا330خلاصۃً)

مَاشَآءَاللّٰہ! عامِلِ سُنّت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ به ٻارن تي وڏي شفقت ڪن ٿا، پاڻ فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلله مون بعض اوقات پنهنجي ٻارن کان به مشورا ڪيا آهن توڙي جو مون کي معلوم آهي ته ڇا ڪرڻو آهي، ان جي باوجود

صِرف انهن جي دِل رکڻ جي لاءِ انهن سان مشورو ڪيان ٿو. ٻار مشورو ڏيڻ جو اهل ناهي هوندو پر منهنجي مشورو ڪرڻ سان ان جي حوصلہ افزائي ٿيندي آهي تہ مون ان کان مشورو ڪيو آهي. بعض اوقات ٻار اهڙي ڳالهہ ڪندو آهي جو پنهنجي سڄي جي سڄي حڪمتِ عملي پوئتي رهجي ويندي آهي تہ يار هن ٻار واقعي ڪم جي ڳالهہ ڪئي آهي. ٻارن جي دِل جوئي جي نيت سان مون ڪيئي ڀيرا انهن جي مشورن تي عمل بہ ڪيو آهي. منهنجي ذهن ۾ هڪ حديث پاڪ ويهي رهي آهي تہ جَنَّت ۾ هڪ گهر آهي جنهن کي دَارُ الفرح چيو ويندو آهي اهو ان جي لاءِ آهي جيڪو ٻارن جي دِل خوش ڪري ٿو. (دولہا پر پھول نچھاور کرنا کیسا؟، صفحہ:13تا14)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الحَبِيبِ العَالِي القَدرِ العَظِيمِ الجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحبِهٖ وَسَلِّم

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّم

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلكِ الله

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف

---

[1]…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]…افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]…القول البديع،الباب الثانى، ص277،

ڪي هڪ پيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

### ﴿5﴾قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[2]

### ﴿6﴾دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

### ﴿1﴾هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[2]...القول البديع،الباب الاول،ص125

[3]... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[1]

## ﴿2﴾ چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو ته ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[2]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

[2]... تاريخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حدیث:۴۴۱۵